هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنتن ڀريو بيان

28/07/2016



## نيڪين جا حريص

(Sindhi)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ ط

اَمَّا بَعۡدُ! فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط

# نيڪين جا حريص

اَلصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ اللّٰه　　وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه　　وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ اللّٰه

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

تاجدارِ مدينہ، قرارِ قلْب وسينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذيشان آهي:"جيڪو مون تي شبِ جُمُعَہ ۽ جُمُعَي جي ڏينهن سو (100) ڀيرا دُرُود شريف پڙهي، الله تَعَالٰي اُن جون سو (100) حاجتون پوريون فرمائيندو، ستر (70) آخرت جون ۽ ٽيهہ (30) دنيا جون ". (جامع الاحاديث للسيوطي، ٣ / ٤٥،حديث:٢٢٤٢)

ذاتِ والا پہ بار بار دُرُود　　بار بار اور بے شُمار دُرُود

رُوئے اَنور پہ نُوربار سلام　　زُلفِ اَطہر پہ مُشْکبار دُرُود

(ذوقِ نعت:٨٦)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰﷺ: نِيَّةُ الْمُؤمِنِ خَيرٌ مِّن عَمَلِہٖ. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجهه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ڀڃي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهورڻ، جهڻڪڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوالله، تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مرڻ گهڙي تائين به نيڪيون ڪمائڻ جو حرص

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 413صفحن تي مشتمل ڪتاب "عُيون الحڪايات" جلد 2، ص 79 تي هڪ حڪايت نقل آهي:

حضرتِ سيدُنا احمدبن محمد بن زِيادرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان منقول آهي، فرمائن ٿا

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

تہ مون حضرت سيدُنا ابوبَکر عطّار رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي اهو فرمائيندي ٻڌو: جڏهن حضرت سيدُنا جُنيد بغدادي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جو انتقال ٿيو تہ مان ۽ منهنجا ڪجھ رفيق هُتي موجُود هئاسين، اسان ڏٺو تہ اِنتقال کان ڪجھ دير اڳ ۾ ڪمزوري جي ڪري پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ويهي ڪري نماز پڙهي رهيا هئا، سندن ٻئي پير سُڄيل ها جڏهن رُڪوع ۽ سجدو ڪندا هئا تہ هڪ پير ويڙهي وٺندا هئا جنهن سبب گهڻي تڪليف ۽ پريشاني ٿيندي هئي. دوستن اها حالت ڏٺي تہ چيائون: اي ابُو قاسم! هي ڇا آهي؟ اوهان رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جا پير مُتَوَرَّم (يعني سُڄيل) ڇو آهن؟ فرمايائون:"اللّٰہ اَکْبَر اها تہ نعمت آهي." حضرت سيِّدُنا ابُو مُحمد حَرِيري رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ چيو:"اي ابو قاسم رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ! جيڪڏهن اوهان ليٽي پئو تہ ڪهڙو حرج آهي؟" فرمايائون: "اجا وَقت آهي، جنهن ۾ ڪجھ نيڪيون ڪيون وڃن، هن کان پوءِ وري ڪٿي موقعو ملندو." وري اللّٰہ اَکبَر چيائون ۽ سندن رُوح هن فاني دنيا مان عالَمِ بالا ڏانهن پرواز ڪري ويو. اهو بہ منقول آهي تہ جڏهن پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي چيو ويو: سائين! پنهنجي جان تي ڪجھ نرمي ڪيو، تہ فرمايائون: هاڻي منهنجو اعمال نامو بند ڪيو پيو وڃي، هن وَقت نيڪ عملن جو مون کان وڌيڪ ڪير گهڻو حاجت مند هوندو. (عیون الحکایات: جلد2، ص79)

مِری زندگی بس تِری بندگی میں
ہی اے کاش! گُزرے سدا یا اِلٰہی

(وسائلِ بخشش، ص:106)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حِڪايت مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اسان جا بُزرگ سڳورا رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہِمْ اَجْمَعِیْن نيڪيون ڪمائڻ جا ڪيتري قدر حَريص هئا جو سڪرات جو وَقت آهي، ڪمزوري ۽ هيٺائپ جي ڪري ويهي

نماز اَدا ڪرڻ ممڪن نہ آهي، عِبادت جي ڪثرت جي سبب پير سُجيل آهن، تڪليف جي شدّت آهي، انهن تمام عذرن جي باوُجُود بہ خواهش اها ئي آهي تہ وڌيڪ ڪجھ نيڪيون ڪيون وڃن. ياد رهي تہ حضرتِ سيّدُنا جنيدِ بغدادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه شروع ۾ آئيني جو واپار ڪندا هئا، ان دوران بہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو معمول هو جو جڏهن پنهنجي دُڪان تي ايندا هئا تہ پردو ڪرائي چار سو(400) رڪعت نمازِ نَفل ادا ڪندا هئا، هڪ عرصي تائين اوهان هن عمل کي جاري رکيو، پوءِ پنهنجو دُڪان ڇڏي حَضرتِ سِرّي سَقَطِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بارگاه ۾ حاضر ٿيا ۽ سندن جي گهر جي هڪ ڪوٺڙي ۾ خَلوت گُزين ٿي پنهنجي دل جي پاسباني شُروع ڪئي، اهڙي طرح پاڻ 40 سالن جو ڊگهو عرصو گذاريو. ٽيهہ (30) سالن تائين اوهان جو معمول هو تہ عشاء جي نماز کان پوءِ بيهي ڪري صبح تائين الله الله ڪندا هئا ۽ انهيءَ وضو سان صبح جي نماز ادا ڪندا هئا. پاڻ ئي اِرْشاد فرمائن ٿا تہ ويهہ (20) سالن تائين مون کان تڪبيرِ اُوليٰ فوت نہ ٿي. (شرح شجرہ قادریہ رضویہ عطاریہ، ص:۳۷ ملخصاً)

## اسان جا اَسلاف ۽ اسان!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان جي اَسلاف جو زندگي گذارڻ جو انداز ڪيترو قدر پيارو هو، جو ڏينهن ۾ حلال رِزق جي لاءِ واپار ڪندا هئا ۽ راتيون ذڪر ۽ عبادت ۾ گُذاريندا هئا ۽ اسان پنهنجون زندگيون خبر ناهي ڪهڙن ڪهڙن فُضول ڪمن ۾ برباد ڪري رهيا آهيون، اسان جا اَسلاف آخري گهڙي تائين نيڪيون ڪمائڻ جي ڌُن ۾ مگن رهندا هئا جڏهن تہ اسان مان اهڙا بہ آهن جيڪي پنهنجي سڄي زندگي غفلت ۾ گُذاري پوڙهائپ ۾ بہ نيڪين ڏانهن مائل نٿا ٿين، اسان جا اَسلاف تہ نمازن جي اهڙي پابندي ڪندا هئا جو سالن تائين تڪبيرِ اُوليٰ فوت نہ ٿيندي هئي،جڏهن تہ اسان مهينن تائين مسجدن جو

www.dawateislami.net

در نتا ڏسون، ڪي عيد جي نماز جي لاءِ سال ۾ هڪ ڀيرو ئي نهايت اِهتمام سان مسجد جو رُخ ڪندا آهن پر ڪجهه تہ ان سعادت کان بہ محروم نظر ايندا آهن، اسان جا اَسلاف پياري آقا، حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنّتن جا ديوانا هئا جڏهن تہ اسان فيشن جا شوقين دنيا جي رنگينين جا مَستانہ آهيون، اسان جا اسلاف نہ صرف پاڻ نيڪيون ڪندا هئا بلڪ ٻين تائين بہ نيڪي جي دعوت پهچائيندا هئا، جڏهن تہ اسان نہ رڳو پاڻ گناهن ۾ مشغول رهندا آهيون بلڪ ٻين کي بہ گناهن جا موقعا فراهم ڪندا آهيون، اسان جا اسلاف اسلام جي سَر بُلندي جي خاطر پنهنجي جان ۽ مال، اهل وعيال جي قُرباني ڏئي راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر ڪندا هئا جڏهن تہ اسان مال جي مَحَبَّت ۾ حرام وناجائز ذريعا اختيار ڪري پنهنجي آخرت برباد ڪري رهيا آهيون، افسوس! صد افسوس! اهو اسلام جيڪو اسان کي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ۽ اولياء ڪرام جي بي شمار قربانين کان پوءِ نصيب ٿيو آهي، اڄ اسان کي ان جي ترقّي ۽ اِشاعت جو بلڪل فڪر ناهي رهيو. ياد رکو! عنقريب اسان کي بہ مرڻو آهي، اندهيري قبر ۾ لهڻو آهي ۽ پنهنجي ڪرڻي جو ڦل ماڻڻو آهي. تنهنڪري اڄ ملندڙ انهن ڪجهہ ساهن کي غنيمت سمجهندي خوابِ غفلت مان بيدار ٿيو، نيڪيون ڪرڻ گناهن کان بچڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيو، عِلْمِ دِين سکڻ جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر ڪيو، مدني انعامات تي عمل ڪيو ۽ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۽ مدني مذاڪري ۾ شرڪت جو معمول بڻايو، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ هن جي برڪت سان وڌيڪ نيڪيون ڪرڻ جا گهڻا موقعا ملندا .

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب     صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## حرص ڇا کي چئبو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪنهن شيءِ سان جيءُ نه ڀرجڻ ۽ هميشه زيادتي جي خواهش رکڻ کي حرص چوندا آهن، جڏهن ته حرص رکڻ واري کي ”حَرِيص“ چوندا آهن. (مراٰۃ المناجیح،ج۷،ص۸٦ ملخصاً) جيئن ڪثير مال جي خواهش ڪرڻ، اهو جذبو ۽ خواهش حرص آهي جڏهن ته اهو شَخص جيڪو هن جذبي جو شڪار هجي اهو حريص چورائيندو.

عام طور تي اهو ئي سمجهيو ويندو آهي ته حِرص جو تعلق صِرف مال و دولت سان هوندو آهي، حالانڪ ائين ناهي، ڇوته حرص ڪنهن به شيءِ جي وڌيڪ خواهش ڪرڻ جو نالو آهي هاڻي اها شيءِ ڪجھ به ٿي سگهي ٿي! جيڪڏهن ڪنهن جي دل ۾ مال و دولت جي وڌيڪ خواهش هجي ته اهو ”مال جو حريص“ چورائيندو، ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي بک جي ڪري وڌيڪ کائڻ جي خواهش هجي ته ان کي ”کائڻ جو حريص“ چونداسين، نيڪين ۾ اضافي جو تمنائيءَ کي ”نيڪين جو حريص“ چيو ويندو جڏهن ته گُناهن جو بوجھ وڌائڻ واري کي ”گُناهن جو حريص“ چونداسين. جيئن

حضرتِ علامه عَبْدُالمُصطفٰي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه لکن ٿا: لالچ ۽ حِرص جو جذبو خوراڪ، لباس، گهر، سامان، دولت، عزت، شهرت مطلب ته! هر نعمت ۾ ٿيندو آهي. (جنتی زیور،ص۱۱۱ملخصاً) حرص جي باري ۾ وڌيڪ مَعلُومات جي حصول جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 232 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”حرص“ جو مُطالعو نهايت مفيد ثابت ٿيندو، اڄ ئي هن ڪتاب کي هديةً حاصل ڪري هن جو مُطالَعو فرمايو، ۽ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ تان به هن ڪتاب کي پڙهڻ (Read)، ڊاؤن لوڊ (Down Load) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) ڪرڻ جي سهولت موجود آهي.

## ”حرص“ هڪ فطري امر آهي!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حرص هڪ اهڙي صفت آهي، جيڪا انساني فطرت ۾ شامل آهي، ڪير ٻيڪ ٻار هجي يا طاقتور جوان يا سو (100) سالن جو پوڙهو انسان، مرد هجي يا عورت، حاڪم هجي يا محڪوم، امير هجي يا غريب، عالِم هجي يا جاهل مطلب ته هر هڪ حرص ۾ مبتلا ٿيندو آهي، هيءَ ٻي ڳالهه آهي جو ڪنهن کي آخرت جي ثواب جي لاءِ نيڪين جو حرص ٿيندو آهي ته ڪنهن کي مال و دولت،جاهه وحشمت ۽ عزت ۽ شهرت جو. تفسيرِ خازِن ۾ آهي: لالچ دل جو لازمي حصّو آهي چوته اها (يعني دل) اهڙي طرح ٺاهيو ويو آهي. (تفسير الخازن، ج۱، ص۴۳۷، ملخصاً)

ياد رهي!حِرص جو تعلق جن ڪمن سان هوندو آهي، ان مان ڪجهه ڪم باعثِ ثواب هوندا آهن ۽ ڪي باعثِ عذاب جڏهن ته ڪجهه محض مُباح (يعني جائز) به هوندا آهن يعني اهڙن ڪمن جي ڪرڻ تي نه ڪو ثواب ملندو آهي ۽ نه ئي ڇڏڻ تي ڪو عِتاب ٿيندو آهي پر اهي ئي مُباح (يعني جائز) ڪم جيڪڏهن سٺين نيتن سان ڪيا وڃن ته انسان ثواب جو مستحق ۽ جيڪڏهن بُري اِرادي سان ڪري ته عذابِ نار جو حقدار ٿيندو آهي.

## حرص جا قسم:

حرص جا بنيادي طور تي ٽي (3) قسم آهن:

1. حرصِ محمود(يعني سٺو حِرص) جيئن راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ جي لاءِ وڌيڪ مال جي تمنّا ڪرڻ.
2. حرصِ مذْمُوم(يعني بُرو حِرْص) ڪنهن بُري ڪم جيئن شراب پيئڻ جي لاءِ وڌيڪ مال جي تمنّا ڪرڻ.
3. حرصِ مباح(يعني جائز حِرْص) جيئن بغير ڪنهن نِيت جي ڪثرتِ مال

جي تمنّا ڪرڻ. پر جيڪڏهن هن حِرص ۾ چڱي نيت هوندي تہ اهو ئي حرصِ محمود بڻجي ويندو ۽ جيڪڏهن بُري نِيت هوندي تہ اهو ئي مذموم ٿي ويندو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي پنهنجي حِرص کي انهن ڪمن ۾ صَرَف ڪرڻ گهرجي جنهن سان اسان کي دنيا ۽ آخرت جو نفعو حاصل ٿئي ۽ اها خوبي صِرف نيڪين جي حرص ۾ ئي موجود هوندي آهي ڇوتہ اهو ئي حرص انسان جي بخشش ۽ مغفرت جو ذريعو ۽ جَنَّت جي اعليٰ درجات ۾ پهچائڻ جو وسيلو بڻجندو آهي ۽ قرآنِ پاڪ ۾ هن جي ترغيب بہ ڏياري وئي آهي.

وَ سَارِعُوْۤا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ جَنَّةٍ عَرْضُهَا السَّمٰوٰتُ وَ الْاَرْضُ ۙ اُعِدَّتْ لِلْمُتَّقِيْنَ ﴿۱۳۳﴾

(پ۴، آلِ عمران، ۱۳۳)

ترجمو ڪنز الايمان: ۽ ڊُڪ ڀريو پنهنجي پالڻهار جي بخشش ۽ اُنهيءَ بهشت ڏانهن جنهن جِي ويڪر ۾ سڀ آسمان ۽ زمين اچِي وڃن. جيڪو پرهيزگارن لاءِ تيار ڪيو ويو آهي.

صِراطُ الجنان جلد 2 صفحي 53 تي هن آيتِ ڪريمہ جي تفسير ۾ آهي تہ گناهن کان توبہ ڪري، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي فرضن کي ادا ڪري، نيڪين تي عمل ڪري ۽ تمام عملن ۾ اخلاص پيدا ڪري پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بخشش ۽ جنّت ڏانهن جلدي ڪيو.

سرڪارِنامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ نيڪ عمل جا فضائل بيان ڪندي هن جي ترغيب ڏياري آهي، جيئن فرمانِ مصطفي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: اِحْرِصْ عَلٰى مَايَنْفَعُكَ وَاسْتَعِنْ بِاللّٰهِ وَلَاتَعْجِزْ يعني اُن تي حرص ڪيو

جيڪو توهان کي نفعو ڏئي ۽ الله کان مدد گهرو عاجز نہ ٿيو.

(صحيح مسلم، كتاب القدر، باب في الامر بالقوة۔۔۔الخ، الحديث: ۲۶۶۴، ص ۱۴۳۲)

## اڄڪلھ جوانسان!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! آيت سڳوري ۽ حديثِ مبارڪ مان معلوم ٿيو تہ اسان کي پنهنجي بخشش ۽ مغفرت ڪرائڻ ۽ جنت جا اعليٰ درجا حاصل ڪرڻ جي لاءِ اهڙا ڪم ڪرڻ گهرجن، جو جنهن ۾ اسان جي آخرت جو فائدو ٿئي پر افسوس! صد افسوس جو دنيا جي مَحَبَّت ۽ فڪرِآخِرت کان غفلت جي سبب مُسلمانن جو وڏو تعداد عِبادت جي شوق کان گهٽو پري ۽ گناهن جو حِريص ٿيندو پيو وڃي، اڄ جو نوجوان قِطار ۾ بيهي مهنگا ٽڪٽ خريدي سڄي رات گناهن ڀريا ميوزڪ پروگرام ڏسڻ ٻڌڻ جي لاءِ تہ تيار آهن پر نماز ادا ڪرڻ جي غرض سان ڪجھ منٽ جي لاءِ مسجد جو رُخ ڪرڻ کان پاسو ڪندو آهي، ڪيئي ڪيئي ڪلاڪ رِيموٽ (Remote) هٿ ۾ پڪڙي ڪيبل تي فلمون ڊراما ڏسڻ جي لاءِ وقت ملي ويندو آهي، پر علمِ دين سکڻ جي جي لاءِ 100 فيصد اسلامي چينل **”مَدَني چينل“** ڏسڻ ۾ نفس ۽ شيطان رُڪاوٽ بڻجي ويندو آهي، روزانو سوين لائينن تي مشتمل اخبار پڙهڻ وارن کي ڪيئي ڪيئي مهينا قرآنِ ڪريم جون ڪجھ آيتون تلاوت جي فُرصت نٿي ملي، بُرن دوستن جي صحبت ۾ بِلاناغہ ڪيئي ڪلاڪ پنهنجو وَقت برباد ڪرڻ وارو هفتي ۾ صِرف هڪ ڏينهن اهو بہ ڪجھ منٽ جي لاءِ علاقائي دؤرو برائي نيڪي جي دعوت ۾ شرڪت جي لاءِ تيار ناهي. ڪمپيوٽر، موبائل فون جي ذريعي ۽ نائٽ پيڪجز (Night Pakeges) تي ڪيئي ڪيئي ڪلاڪ ضايع ڪرڻ واري کي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ اچڻ جي دعوت ڏني وڃي تہ گهر جو ڪو ضروري ڪم ياد اچي ويندو آهي، ياد رکو! غفلت ۽ گناهن ۾ مبتلا ٿيڻ جو اَنجام هلاڪت ۽ رسوائي جي علاوه ٻيو ڪجھ ناهي، هن کان پهريان جو پيامِ

اَجَل (موت جو پيغام) اچي پهچي ۽ اسان پنهنجي عزيزن قريبن کي روئيندو ڇڏي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري وڃون اسان کي گهرجي تہ باقي زندگي کي غنيمت سمجهندي هٿوهٿ سچي توبہ ڪيون ۽ نيڪين جو حرص پيدا ڪيون.

وہ ہے عيش و عِشرَت کا کوئی محل بھی | جہاں تاک ميں ہر گھڑی ہو اَجَل بھی
بس اب اپنے اس جَہْل سے تُو نکل بھی | يہ جينے کا انداز اپنا بدل بھی
جگہ جی لگانے کی دنيا نہيں ہے | يہ عِبْرت کی جا ہے تماشا نہيں ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بزرگن سڳورن ڪي آئيڊيل بڻايو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان نيڪين جي حرص جي باري ۾ پڙهي رهيا آهيون يقيناً سٺين شين جو حرص ڪرڻ ۽ انهن کي اپنائڻ جي ڪوشش ڪرڻ شريعت کي پسند آهي، جهڙي طرح مال ودولت جا حريص ماڻهو مالدارن کي پنهنجو آئيڊيل بڻائيندا آهن، اهڙي طرح نيڪيون ڪرڻ جو جذبو وڌائڻ ۽ ان جي راهہ ۾ پيش اچڻ وارين مشقتن کي برداشت ڪرڻ جو حوصلو حاصل پيدا ڪرڻ جي لاءِ اسان پنهنجي بزرگن سڳورن رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى کي پنهنجو آئيڊيل بڻايون تہ جهڙي طرح انهن پاڪيزه هستين جي زندگي اسان جي لاءِ مَشعلِ راهہ بڻجي ويندي ۽ اسان بہ نيڪين جا حريص بڻجي ويندا سين. جيترو فِڪر هڪ دنيا دار کي پنهنجي دنيا بنائڻ جو هوندو آهي، ان کان گهڻو وڌيڪ انهن پاڪ هستين کي پنهنجي آخرت سنوارڻ جي ڏن هوندي آهي، انهن جي زندگي جي احوال مان بخوبي اندازو ٿيندو آهي تہ اهي حضرات نيڪين جا ڪيتري قدر حريص هوندا هئا! اچو انهن نيڪ هستين جي عبادت ۽ رياضت جا احوال پڙهون ٿا.

## (1)صديقِ اڪبر جو شوقِ عبادت!

حضرتِ سيِّدُنا ابو هُرَيره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ والا تَبار، اسان بيڪسن جي مددگار، شفيعِ روزِ شُمار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڇيا ڪيائون: اڄ توهان مان ڪنهن روزو رکيو؟ تہ حضرتِ سيدُنا صِدِّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ عَرض ڪيو: مون، وري پڇيائون: اڄ توهان مان ڪنهن جنازي ۾ شرڪت ڪئي؟ تہ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ عَرض ڪيو: مون. پڇيائون : اڄ توهان مان ڪنهن مِسڪين کي کاڌو کارايو؟ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ عَرض ڪيو: مون. اِرشاد فرمايائون: اڄ توهان مان ڪنهن مريض جي عيادت ڪئي؟ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ عَرض ڪيو: ”مون.“ تہ بحرو بَر جي آقا ، ٻنهي جهان جا شَهنشاهہ، اُمّت جا خير خواه سرڪار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: جنهن ۾ اهي خُصلتون گڏ ٿين تہ اهو جنت ۾ داخِل ٿيندو.

(صحيح مسلم،ص۵۱۳حديث۱۰۲۸)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدنا صديقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ هڪ ئي ڏينهن ۾ روزو رکيائون، جنازي ۾ شرڪت ڪئي، مسڪين کي کاڌو کارايو ۽ مريض جي عيادت ڪئي تہ غيب جون خبرون ڏيڻ واري نبي، ٻنهي جهان جا سردار نبي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن کي جنت جي خوشخبري ٻڌائي، سبحان الله! معلوم ٿيو تہ روزو رکڻ، جنازي ۾ شرڪت ڪرڻ، مِسڪين کي کاڌو کارائڻ، مريض جي عِيادت ڪرڻ جنت ۾ وٺي وڃڻ وارا عمل آهن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (2)زخمي حالت ۾ بہ نماز ادا ڪئي

اميرالمُومنين حضرتِ سيدُنا عمرفاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ تي نمازِ فجر کان پهريان خنجر سان قاتِلاڻو حملو ڪيو ويو، پر اوهان شديد زخمي هئڻ جي

باوجود پنهنجي زندگي جي آخري پساهن ۾ نماز جو اِهتمام ڪندا رهيا، جيئن حضرتِ سيدُنا مِسوَر بِن مَخرَمَہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا تہ جڏهن حضرتِ سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي نيزي سان زخمي ڪيو ويو تہ مان ۽ ابنِ عباس (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا) حضرتِ سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي خدمت ۾ حاضر ٿياسين، انهن تي ڪپڙو رکيل هو اسان چيو: اهي نماز جي نالي تي جاڳندا ۽ ٻي ڪنهن شيءِ سان نہ جاڳندا پوءِ اسان جيئن عَرض ڪيو: ياامير َالمُومِنِين! نماز!! اهو ٻڌي حضرتِ سيدُنا عمرفاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ اٿيا ۽ فرمايائون: الله عَزَّ وَجَلَّ جو قسم! جيڪو نماز تَرڪ ڪري ان جو اسلام ۾ ڪو حصو ناهي، پوءِ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ زخمي حالت ۾ بہ نماز ادا ڪئي.

(مصنف ابن ابی شیبہ، ج۸، ص۵۷۹، حدیث ۱۲ ملخصاً)

## نماز جون برڪتون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي اوهان نماز سان مَحَبَّت ۽ نيڪين جو شوق ڏٺو، شديد زخمي حالت ۾ بہ پاڻ نماز ادا ڪئي، اڄ مسلمانن جو وڏو تعداد بدقسمتي سان نمازن کان پري، جيڪي پڙهندا آهن انهن مان بہ هڪ تعداد آهي جيڪو پابند نہ آهي. گهر ۾ پڙهندا آهن تہ سفر ۾ ڇڏيندا آهن، خوشي ۾ پڙهندا آهن تہ غمي ۾ ڇڏي ڏيندا آهن، غمي ۾ پڙهندا آهن تہ خوشي ۾ غافل ٿي ويندا آهن، فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي شان تان قربان وڃون جو شديد زخمي حالت ۾ بہ نماز ادا ڪئي، انهن جي صدقي ۾ الله تعاليٰ اسان کي بہ پڪو نمازي بڻائي، اچو! ڪجهہ نماز جون برڪتون پيش ڪيان ٿو.

نماز جنّت ۾ وٺي وڃڻ وارو عمل آهي، نماز مومن جي لاءِ بهترين عمل آهي، نماز نُور آهي، نمازي بغير ترجمان جي ربّ عَزَّ وَجَلَّ سان هم ڪلام ٿيندو آهي، خشوع وخضوع سان 2 رڪعتون ادا ڪرڻ واري جي لاءِ جنّت واجب ٿي

ويندي آهي، 2 رڪعت نماز دُنيا و مَافِيهَا (يعني دُنيا ۽ جيڪو ڪجھ هن ۾) کان بهتر آهي، نماز اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو پسنديده عمل آهي، نماز ۾ هر سجدي جي عوض هڪ نيڪي لکي ويندي، هڪ گناهه مٽايو ويندو ۽ هڪ درجو بُلند ڪيو ويندو آهي، نمازي قيامت جي ڏينهن سَلامتي سان جنّت ۾ داخل ڪيو ويندو، نماز سان گناهه ڇڻن ٿا، نماز گناهن جي مَيل ڪچيل کي ڌوئيندي آهي، هڪ نماز پوئين نماز جي دوران ٿيڻ وارن گناهن کي ڌوئيندي آهي، نمازي خير ۾ رات گذاريندو آهي، نمازبرائين کي مِٽائيندي آهي، نمازي جنّت ۾ داخل ٿيندو، نمازي جي لاءِ معصوم ملائڪ ربّ عَزَّ وَجَلَّ جي بارگاهه ۾ مغفرت جي سفارش ڪندا آهن، نمازي اللّٰه تعاليٰ جي اَمان يعني حفاظت ۾ رهندو آهي، نماز، نمازي جي لاءِ دُعاءِ حفاظت ڪندي آهي، نمازي ڪامل مومن آهي، نمازي کي پورو پورو بدلو ڏنو ويندو، نماز،شيطان جو منهن ڪارو ڪندي آهي.

دیدارِ حق دکھائے گی اے بھائیو نماز
جنّت تمہیں دِلائے گی اے بھائیو نماز

دربارِ مصطفی میں تمہیں لے کے جائے گی
خالق سے بخشوائے گی اے بھائیو نماز

جنّت میں نرم نرم بچھونوں کے تخت پر
آرام سے سُلائے گی اے بھائیو نماز

فاقے سے مُفلسی سے جہنّم کی آگ سے
سب سے تمہیں بچائے گی اے بھائیو نماز

بات اعظمیؔ کی مانو نہ چھوڑو کبھی نماز
اللہ سے مِلائے گی اے بھائیو نماز

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (3) شهادتِ عثمان دورانِ تلاوتِ قرآن:

حضرتِ سيدُنا عبدالله ابن عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا هڪ ڏينهن حضرتِ سيدناعثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ اللّٰه جي محبوب، داناءِ غُيوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو ”اي عثمان!

توهان سوره بقره پڑهندي شهيد ٿيندؤ ۽ توهان جو رت هن آيت تي پوندو فَسَيَكۡفِيۡكَهُمُ اللّٰهُ (مستدرک ج۴ص۶۲حديث۴۶۱۱) پنهنجي خلافت جي آخري ڏينهن ۾ جڏهن حضرتِ سيدنا عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ آزمائش ۾ مبتلاء ٿيا تڏهن به روزا رکندا ۽ تلاوتِ قرآن ۾ مشغول رهندا هئا ايستائين جو جڏهن پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي شهادت ٿي تہ ان وقت بہ تلاوت ڪري رهيا هئا، پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي جسم مبارڪ مان نڪرڻ واري شهادت واري رت جا قطرا سامهون کليل قرآن پاڪ جي هن آيت تي پيا جنهن جي باري ۾ غيب دان آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خبر ڏني هئي. جيئن مُحَدِّث ۽ مُؤرِّخ فرمائن ٿا تہ جڏهن مِصري ماڻهو قتل جي ارادي سان حضرت سيدنا عثمانرَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي گهر ۾ گهريا تہ ايتري پُرخطر حالتن ۾ بہ قرآن شريف کولي اهو رکوع پڑهي رهيا هئا جو هڪ شَقِي (يعني بدبخت) پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي هٿ تي تلوار هنئي جنهن مان رت نڪري هنن لفظن تي پيو، پاڻرَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ قرآنِ پاڪ کي صاف ڪندا ۽ فرمائيندا هئا: "خداعَزَّ وَجَلَّ جو قسم! سڀ کان پهريان انهي هٿ سان قرآن لکيو آهي." انهن مصرين مان سيئي بري حالت ۾ مئا، ڪجهہ عرصي کان پوءِ ماڻهن ان قرآن پاڪ جي زيارت ڪئي ۽ ان تي رت جا اثر ڏٺا. (درمنثور/۱/۳۴۰)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حضرتِ سيدنا عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي نيڪين جو حرص اوهان مُلاحظ فرمايو، شهادت جي وقت بہ اوهان تلاوتِ قرآن فرمائي رهيا هئا.

قرآنِ ڪريم جي تلاوت مسلمان جي لاءِ تمام وڏي سعادت آهي، قرآنِ ڪريم جون ڪيئي اهڙيون سُورتون آهن جنهن جي تلاوت جي برڪت سان مختصر وقت ۾ ثواب جو عظيم خزانو گڏ ڪري سگهجي ٿو، جيئن تہ سورۂ يٰسين شريف، جنهن جي تلاوت ۾ 8، 10 منٽ لڳن ٿا پر ثواب ڪهڙو آهي ٻڌو،

سوره يٰسين کي هڪ ڀيرو پڙهڻ واري کي 10 قرآن جو ثواب حاصل ٿيندو آهي، سوره يٰسين جي تلاوت سان 20 حج جو ثواب ملندو آهي ۽ جيڪو خوش نصيب ان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا ۽ آخرت جي بهتري جي لاءِ پڙهي ان جي لاءِ مغفرت جي بشارت آهي.

سُورَه مُلْڪ صرف 30 آيتن تي مشتمل سورت آهي، هن کي پڙهڻ ۾ 4، 5 منٽ لڳن ٿا پر ثواب ڇا آهي سبحان الله! سُورَه مُلْڪ عذابِ قبر کان بچائيندي آهي، سُورَه مُلْڪ پنهنجي پڙهڻ واري جي لاءِ شفاعت ڪندي رهندي ايستائين جو ان جي مغفرت ڪئي ويندي آهي.

## وڌيڪ پڙهو! ۽ تلاوت جو شوق پيدا ڪيو! جيئن

حضرتِ سيدُنا معقل بن يساررَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي: نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شخص صبح جي وقت 3 ڀيرا اَعُوْذُ بِاللهِ السَّمِيْعِ الْعَلِيْمِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم چوي ۽ سورۂ حشر جون آخري 3 آيتون پڙهي ته اللهعَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ ستّر هزار(70000) ملائڪ مقرر ڪندو آهي جيڪي شام تائين ان جي لاءِ رحمت جي دعا ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن ان ڏينهن مري ته شهيد ٿيندو ۽ شام جو پڙهي ته صبح تائين اها ئي فضيلت آهي. (سُنَنُ التِرمِذِی ج۴ص۴۲۳حدیث۲۹۳۱)

هڪ روايت ۾ آهي ته ”سوره بقره“ ۾ هڪ آيت آهي جيڪا قرآنِ پاڪ جي تمام آيتن جي سردار آهي، اها آيت جنهن گهر ۾ پڙهي وڃي ان گهر مان شيطان نڪري ويندو آهي اها آيةُ الڪرسي آهي. (مُستَدرَک لِلحاکم ج۲ص۷۴۶حدیث۳۰۸۰)

سُوْرَۂ نَصْر چوٿائي قرآن جي برابر آهي، سُوْرَۂ ڪَافِرُوْن اها به چوٿائي قرآن جي برابر آهي، سُوْرَۂ اِخْلَاص ٽهائي قرآن جي برابر آهي، سُوْرَۂ زِلْزَال نصف قرآن جي برابر آهي.

www.dawateislami.net

الله تعاليٰ حضرتِ عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي صدقي اسان کي نيڪين جو حريص بڻائي ۽ تلاوتِ قرآن جي ڪثرت جو شرف عطا فرمائي.

عطا ہو شوق مولیٰ مدرَسے میں آنے جانے کا
خدایا ذوق دے قرآن پڑھنے کا پڑھانے کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (4)افسوس ! مون اڌ عبادت گهٽ ڪري ڇڏي:

حضرت سَيِدُنا ڪهمَس بن حسن رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ روزانو هڪ هزار (1000) نفل پڙهندا هئا، جڏهن فارغ ٿيندا هئا ته هلڻ جي قوت باقي نه رهندي هئي، ان کان پوءِ به قَناعت نه ڪندا هئا بلڪ عاجزي ڪندي پنهنجي نفس کي فرمائيندا هئا: اي هر بُرائي جا مرڪز! هاڻي پي عبادت جي لاءِ بيهه. جڏهن پاڻ رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ آخري عمر ۾ ڪمزور ٿي پيا ته روزانو500 رڪعت پڙهندا هئا ان تي به فرمائيندا هئا: افسوس مون اڌ عبادت گهٽ ڪري ڇڏي آهي!

(تنبیہ المغترین،الباب الثانی،ص۱۳۸)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حضرت سَيِدُنا ڪهمَس بن حسن رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہِ جو شوقِ عِبادت ۽ نيڪين جو حرص ڏسو، جسماني ڪمزوري جي باوجود به اوهان روزانو هڪ هزار (1000) نفل ۽ آخري عمر ۾ به پنج سو (500) نفل ادا ڪندا هئا. اَلْحَمْدُ لِلّٰہعَزَّ وَجَلَّ!مدني انعامات تي عمل ڪندڙ خوش نصيب عاشقانِ رسول روزانو تهجد، اِشراق و چاشت، تَحِيَّةُ الوُضُو، تَحِيَّةُ الْمَسْجِد، اوّابين، صلوٰة التوبه وغيره جا نفل پڙهڻ جي به سعادتِ عُظمٰي حاصل ڪندا آهن، اچو ترغيب جي لاءِ انهن مان چند نفلن جا فضائل ۽ برڪات اسان به ٻڌون ٿا.

❖ تهجد اداڪرڻ وارن کي جنّت جا اهي بلند و بالا محل عطا ڪيا ويندا

www.dawateislami.net

جنهن جو اندر ٻاهر کان ۽ ٻاهر اندر کان ڏسي سگهجي ٿو.

❖ نمازِ تهجد ادا ڪرڻ وارا بي حساب بخشيا ويندا.

❖ جيڪو نَمازِ فجر باجماعت ادا ڪري ذِڪرُالله ڪندو رهي ايستائين جو سج بُلند ٿي وڃي پوءِ 2 رڪعتون (اِشراق جون) پڙهي ته ان کي **پوري حج ۽ عمري جو** ثواب ملندو. (سُنَنُ التِّرمِذِی،ج۲،ص۱۰۰حدیث۵۸۶)

❖ چاشت جي پابندي ڪرڻ واري جا گناهه معاف ڪيا ويندا آهن، جيتوڻيڪ سمند جي جهاڳ(گج) جي برابر هجن.

فرمانِ مصطفيٰ: صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: "جيڪو مغرب کان پوءِ ڇهه(6) رڪعتون اهڙي طرح ادا ڪري جو ان جي وچ ۾ ڪا بُري ڳالهه نه چوي ته اهي ڇهه(6) رڪعتون ٻارهن (12) سال جي عبادت جي برابر ٿينديون." (سُنَنِ ابنِ ماجہ،ج۲ص۴۵ حدیث ۱۱۶۷)

میں پڑھتا رہوں سُنّتیں وقت ہی پر
ہوں سارے نوافل ادا یا اِلٰہی
(وسائلِ بخشش مرمّم،ص102)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! الله عَزَّ وَجَلَّ جي انهن نيڪ ٻانهن ۾ نيڪين جو حرص ڪيتري قدر گهڻو هو، يقيناً حرص هڪ اهڙو جذبو آهي جو جڏهن اهو پيدا ٿي وڃي ته اِنسان کي ٻين شين کان بي پروا ڪندو آهي، جيڪڏهن ڪنهن ۾ نيڪيون ڪمائڻ ۽ آخرت بنائڻ جو حرص هجي ته اهو پنهنجي آرام ۽ سڪون جي پروا ڪرڻ بغير هر وقت نيڪيون ڪمائڻ جي ئي فڪر ۾ رهندو آهي، جيئن اسان هينئر پڙهيو، جڏهن ته جيڪڏهن ڪنهن ۾ مال

www.dawateislami.net

۽ دولت ڪمائڻ، عهدي ۽ منصب کي حاصل ڪرڻ جو حرص پيدا ٿي وڃي ته اهو ان ۾ مصروف رهندو آهي.

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدني انعامات“

مال ۽ دولت ڪمائڻ جي حرص کان جان ڇڏائڻ ۽ نيڪين جي حرص جو جذبو حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ مدني انعامات تي عمل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو، روزانو فڪرِ مدينه جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو پري هر مهيني جي پهرين تاريخ جو جمع ڪرائڻ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم به آهي، ۽ مدني انعامات گناهن کان بچائڻ جو نهايت وڏو ذريعو به آهي ۽ نيڪين جو حرص بيدار ڪرڻ ۾ به نهايت مددگار آهي. ان جي برڪت سان نه صرف فرض جي ادائيگي جي سعادت ملندي آهي بلڪ نفل جي به سعادت نصيب ٿيندي آهي.ڪيئي مدني انعامات نفل عبادات جي باري ۾ آهن. جيئن ته مَدَني انعام نمبر 3 آية الڪرسي، سورة الاخلاص، تسبيحِ فاطمه ۽ سورةُ الملڪ جي باري ۾ جڏهن ته مدني انعام نمبر 6 راهه ۾ ايندي ويندي مسلمانن کي سلام ڪري کوڙ ساريون نيڪيون ڪمائڻ ۽ مَدَني انعام نمبر 19 نمازِ تهجد، اشراق و چاشت ۽ اوّابين جي ادائيگي جي مُتَعَلّق آهن، انهن کان علاوه به ڪيئي مدني انعامات اهڙا به آهن جيڪي اسان کي َنفل عبادات جي طرف مائل ڪرڻ وارا آهن، ان ڪري روزانه فڪرِ مدينه جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو پري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻائي ونو، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابندِ سنت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪر ڪرڻ جو ذهن به بڻجندو.

گناہوں نے کہیں کا بھی نہ چھوڑا | کرم مجھ پرحبیبِ کِبْریا ہو
گناہوں کی چُھٹے ہر ایک عادت | سُدھر جاؤں کرم یامُصطَفٰے ہو
کروں بے لوث خدمت سُنّتوں کي | شہا گر لطف مجھ تي آپ کا ہو
دے جذبہ "مَدَنی انعامات" کا تُو | کرم یا سیدِ ہر دوسرا ہو

(وسائلِ بخشش: ص۳۱٦)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## فلمن جو شوقين!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول نيڪيون ڪمائڻ ۽ گناهن کان بچائڻ جو هڪ وڏو ذريعو آهي، ڪيئي ماڻهو جيڪي اڳ ۾ گناهن جي دلدل ۾ غرق هئا، هن ماحول جي برڪت سان نہ صرف پاڻ نيڪيون ڪرڻ لڳا بلڪ ٻين کي نيڪ بڻائڻ وارا بڻجي ويا، اچو ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا: جيئن باب المدينہ (ڪراچي ) جي علائقي "ٻڙا بورڊ" جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: اڳ ۾ تہ مان معاشري جو بگڙيل نوجوان هئس، روزانو پابندي سان خوب فلمون دراما ڏسڻ سبب پاڙي ۾ "فلمن جو خوار" جي نالي سان مشهور ٿي ويس، ان دوران هڪ اسلامي ڀاءُ جي "انفرادي ڪوشش" جي نتيجي ۾ "ڪجي گرائونڊ" (گلبهار) ۾ تبليغ قرآن و سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي طرفان ٿيندڙ شبِ براءَت جي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ٿي، اتي مون "قبر کی پہلی رات" جي موضوع تي شيخِ طريقت،اَميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علامہ مولانا ابُو بلا ل محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو روئارڻ وارو بيان ٻڌو، خوف خدا سان دل بي چين ٿي وئي، مون پنهنجي پوين گناهن کان توبہ ڪئي ۽ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويس، اسان جو پورو گهر مادرن هو، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجي انفرادي ڪوشش سان منهنجا پنج

پائر بہ دعوت اسلامي وارا بڻجي ويا، ۽ سيني مٿي تي عمامي شريف جو تاج سجائي ورتو ۽ گھر ۾ مڪمل مدني ماحول بڻجي ويو، بيان لکڻ وقت تائين ”حلقي مشاورت“ جي خادم جي حيثيت سان سنتن جي خدمت ڪري رهيو آهيان، مون کي سنتن جي تربيت جي مدني قافلن جو ڪافي شوق آهي، اَلْحَمْدُلله عَزَّوَجَلَّ هر مهيني پابندي سان ٽن ڏينهن جي عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سفر ڪندو آهيان. (ازآقاکامہینہ:۲۵،بتغیر)

یہاں سنّتیں سیکھنے کو ملیں گی دِلائے گا خوفِ خدا مَدَنی ماحول
اے بیمارِ عِصیاں تُو آجا یہاں پر گناہوں کی دے گا دوا مَدَنی ماحول

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي پائرو! اڄڪلھ مسلمانن ۾ هر طرف دنيوي حرص جي وبا ڦھلجي چڪي آهي، هر هڪ دنيوي اعتبار سان هڪٻئي کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ۾ لڳل آهي، ڪنهن جو عاليشان بنگلو ڏنو تہ ان جهڙو بڻائڻ جي خواهش، ڪنهن کي عمده ڪپڙن جو شاندار لباس پائيندي ڏنو تہ اهڙو پائڻ جي خواهش، ڪنهن جي نئي چمڪندڙ ڪار ڏني تہ دِل ۾ ان جي خواهش، ڪنهن جو ڪامياب ڪاروبار (Business) ڏنو تہ وات ۾ پاڻي اچڻ، مطلب تہ اسان دنيوي مال ۽ دولت جي مَحَبَّت جا اهڙا حريص بڻجي چڪا آهيون جو ڏينهن رات آهون پريندا ۽ ان کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪوششون ڪندي ٿورو بہ نٿا ٿڪجون، اي ڪاش! ڪنهن کي نيڪي ڪندي ڏسي اسان بہ نيڪ عمل ڪرڻ جي حرص ۾ مبتلا ٿي وڃون، اي ڪاش! ٻين کي مسجد جي طرف ويندو ڏسي اسان کي بہ پنج نمازون باجماعت ادا ڪرڻ جي خواهش پيدا ٿي وڃي. اسان جا بُزرگانِ دين تہ نيڪين جا ايتري قدر شوقين هئا جو نيڪي جو ڪو موقعو بہ هٿ مان وڃڻ نہ ڏيندا هئا. اچو هن باري ۾ سرڪارِ اعليٰ حضرت

رَحمۃُاللہِ تعالٰی علیہجو هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌون ٿا: جيئن

## اوچتو اذان ٻڌي!

هڪ ڀيرو اعليٰ حضرت، امام احمدرضاخان رَحمۃُ اللہِ تعالٰی علیہ جبل پور ويا ته اتي سير و سياحت جي لاءِ هڪ مقام تي تشريف کڻي ويا. انهيءَ دوران جڏهن نمازِ مغرب جو وقت ٿيو ته اتي ئي ريت تي مُصلّو ۽ رومال وغيره وڇايا ويا، اعليٰ حضرت رَحمۃُ اللہِ تعالٰی علیہ جا ميزبان ۽ خليفه حضرتِ مولانا مفتي عبدالباقي برهانُ الحق جبل پوري رَحمۃُ اللہِ تعالٰی علیہ فرمائن ٿا ته مون اڃا اذان ڏيڻ جي ارادي سان ڪنن ۾ آڱريون وڌيون هيون جو اوچتو مون کي اذان جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، ڏٺو ته اعليٰ حَضرت(رَحمۃُ اللہِ تعالٰی علیہ)اذان ڏئي رهيا هئا، اذان کان پوءِ پاڻ ئي اقامت چئي نمازِ مغرب به پڙهائي. نماز کان فراغت کان پوءِ اسان قدمن جو بوسو ورتو ته پاڻ هٿ مبارڪ سان منهنجو (يعني مولانا برهانُ الحق جبل پوري رَحمۃُ اللہِ تعالٰی علیہ) جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي ارشاد فرمايو: حديث شريف ۾ آهي اذان جو آواز جيستائين پهچندو آهي اتي جو هر ذرّو شاهد ۽ گواه ٿي ويندو آهي ان ڪري مون اذان ڏني ته هتي جو وهندڙ دريا، جبل، وڻ، ساوڪ ۽ ريت سڀ منهنجي لاءِ شاهد يعني گواهه ٿي وڃن. (اکرامِ امام احمد رضا، ص:۹۵، بتغیر)

اس کی ہستی میں تھا عمل جوہر سُنتِ مُصطَفٰے کا وہ پیکر
عالِمِ دین، صاحبِ تقویٰ واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی
جس نے دیکھا انہیں عقیدت سے قلب کی آنکھ سے مَحَبَّت سے
مرحبا مرحبا پُکار اُٹھا واہ کیا بات اعلیٰ حضرت کی
(وسائلِ بخشش: ص۵۷۵)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## اذان جي جواب جي فضيلت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن واقعي مان جتي اهو معلوم ٿيو ته امامِ اهلسُنَّترَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وڏ ڪان وڏ نيڪيون ڪمائڻ جا حريص هئا اتي اسان کي اهو به درس مِليو ته جڏهن به موقعو ملي ته شرم ۽ جهجڪ جي بغير اذان ڏئي قرب وجوار جي شين کي پنهنجي ايمان جو گواهه بنائڻ گهرجي ۽ ان تي ملڻ واري ڪوڙ نيڪين کي هٿ مان وڃڻ نه ڏيڻ گهرجي. بالفرض جيڪڏهن اذان ۽ اقامت چوڻ جو موقعو نه به ملي ته اذان ۽ اقامت جو جواب ڏيڻ جو ئي پنهنجو معمول بڻائي وٺو، اذان ۽ اقامت جو جواب ڏيڻ واري مرد جي لاءِ هر ڪلمي تي ٻه (2) لک جڏهن ته عورت جي لاءِ هر هڪ ڪلمي تي هڪ لک نيڪين جو ثواب ملندو آهي، جيئن فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: اي عورتو! جڏهن توهان بلال کي اذان ۽ اِقامت (تڪبير) ڏيندي ٻڌو ته جيئن هو چوي تيئن توهان به چؤ، الله عَزَّوَجَلَّ توهان جي لاءِ هر جملي جي بدلي ۾ هڪ لک (100000) نيڪيون لکندو ۽ هڪ هزار (1000) درجا بلند فرمائيندو ۽ هڪ هزار (1000) گناهه معاف فرمائيندو، عورتن اهو ٻڌي عرض ڪيو هي ته عورتن جي لاءِ آهي مردن جي لاءِ ڇا آهي؟ فرمايائون مردن لاءِ ٻيڻو. (تاريخِ دِمشق لابن عساکر ج ٥٥ ص ٧٥)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّ وَجَلَّ جي رَحمت تي قربان وڃو! ان اسان جي لاءِ نيڪيون ڪمائڻ، پنهنجا دَرجا وڌائڻ ۽ گناهه بخشائڻ ڪيترو قَدَر آسان ڪيو آهي پر افسوس! ايترين آسانين جي باوُجُود به اسان غفلت جا شڪار رهندا آهيون، تنهنڪري نيڪين جو حرص پيدا ڪيو ۽ اذان ۽ اقامت جو جواب ڏيو ۽ لکين نيڪين ۽ درجن جي بلندي حاصل ڪيو. اذان ۽ اِقامت جو جواب ڏيڻ ته مدني انعام به آهي، جيئن مدني انعام نمبر 4 ۾ آهي: "ڇا اڄ اوهان ڳالهه ٻولهه، هلڻ ڦرڻ، ڪٽڻ رکڻ، فون تي گفتگو، اسڪوٽر، ڪار هلائڻ

www.dawateislami.net

وغيره تمام ڪم ڪار موقوف ڪري اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ "الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي اذان ۽ اقامت جو جواب ڏئي گهڻيون نيڪيون ڪمائڻ جي سعادت عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

گو یہ بندہ نکمّا ہے بیکار
اِس سے لے فضل سے ربِّ غفّار
کام وہ جس میں تیری رِضا ہے
یا خدا تجھ سے میری دُعا ہے
(وسائلِ بخشش مرمم، ص138)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن پُرفتن دَور ۾ گُناهه ڪرڻ نهايت آسان آهن جنهن جڳهه تي وڃو گناهن جا اسباب ۽ آلات مُهيا آهن ۽ مَعَاذَالله نيڪيون ڪرڻ بي حد دُشوار آهي شايد انهي وجہ سان مسلمان گناهن جا مريض بڻجي نيڪين جا حريص نہ رهيا. افسوس صد افسوس! اسان گناهه ڪرڻ جي لاءِ تہ وڏي کان وڏي مَشَقَّت بہ برداشت ڪندا آهيون پر جيئن نيڪي جو موقعو ملندو آهي تہ نفس ۽ شيطان پنهنجي چار ۾ بري طرح ڦاسائيندا آهن ۽ معمولي نيڪي بہ پهاڙ جهڙي لڳندي آهي . يادرکو! نيڪي ۾ جيتري مَشَقَّت وڌيڪ هوندي، الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي رحمت سان ثواب بہ ايترو ئي وڌيڪ عطا فرمائيندو، جيئن تہ منقول آهي: "اَفْضَلُ الْعِبَادَاتِ اَحْمَزُهَا" يعني افضل عبادت اها آهي جنهن ۾ زحمت (تڪليف) وڌيڪ آهي." (کشف الخفاء: ١/١٤١،الحديث٤٥٩) اسان جي اسلاف کي نيڪيون ڪرڻ وقت ڪهڙي بہ تڪليف کي منهن ڏيڻو پوندو هو تڏهن بہ پوئتي نہ هٽندا هئا جيئن......

## بارش ۾ طواف جي خواهش!

سرڪارِ اعليٰ حَضْرت، امام اهلسنّت مولانا امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه

www.dawateislami.net

جڏهن ٻئي ڀيري حج جي لاءِ تشريف کڻي ويا تہ مڪي شريف پهنچندي ئي عليل (بيمار) ٿي پيا، ڪڏهن بخار جي شدت اهڙي هوندي هئي جو صحيح طريقي سان ٻيهي بہ نہ سگهندا هئا، ذي الحج جي تيرهين تاريخ کان بخار شروع ٿيو، ڪڏهن وڌندو هو ۽ ڪڏهن گهٽبو هو، جڏهن تہ محرم الحرام شريف تقريباً سڄو ئي بخار ۾ گذريو (ملفوظات: ۲۰۰،۱۸۸،۲۰۱) اهڙي حالتن ۾ ان ڳالھ جو انتظار هو تہ صحت ڪجھ بهتر ٿئي تہ مدينہ شريف سرڪارِ اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي جي حاضري لاءِ روانگي ڪجي، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اِرشاد فرمائن ٿا: جڏهن محرم جي آخري ڏينهن ۾ بِفَضْلِهٖ تَعَالٰى (يعني الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان) صحت (سنڀي) ٿي تہ اتي هڪ سُلطاني حمام آهي ان مان وهنجي ٻاهر نڪتس تہ اَبْر (يعني بادل) ڏٺو، حرم شريف پهنچندي پهنچندي مينهن وسڻ شروع ٿيو. مون کي حديث ياد آئي تہ جيڪو برسات وسڻ مهل طواف ڪري اهو رحمتِ الٰهي (عَزَّوَجَلَّ) ۾ ترندو آهي. هڪدم سنگِ اسود شريف جو ٻوسو وٺي برسات ۾ ئي ست (7) ڦيرا طواف جا ڪيا، تہ وري بخار ٿي پيو. (مڪہ معظمہ جو هڪ جيد عالمِ دين) مولاناسيد اسمٰعيل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايو: هڪ ضعيف حديث جي لاءِ اوهان پنهنجي بدن جي هيءَ بي احتياطي ڪئي! مون چيو: حديث ضعيف آهي پر اُميد بِحَمْدِ الله تَعَالٰى قوِي آهي. اهو طواف بِحَمْدِ الله تَعَالٰى نهايت مزي جو هو (ڇوتہ) برسات جي سبب طائفين (يعني طواف ڪرڻ وارن) جي اها ڪثرت نہ هئي (جيڪا عام ڏينهن ۾ ٿيندي آهي). (ملفوظات: ص:۲۰۹، بتغير)

شرابِ محبت کچھ ایسی پلا دے
کبھي به نشه هو نه کم يا اِلٰهي

(وسائلِ بخشش، ص:109)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب          صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪيو ته هڪ پاسي اسان جي اَسلاف جو هي حال هو جو سڄي مهيني بخار ۾ رهڻ جي باوجود به برسات ۾ طواف ڪرڻ جي فضيلت ماڻڻ جا حريص هئا، جڏهن ته اسان جي حالت ته ايتري قدر ابتر آهي جو هلڪو مٿي جو سور، نزلو زڪام ۽ معمولي بيمارين جي سبب نفل جي سعادت ماڻڻ ته پري رهيو مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ فرض تائين ڇڏي ڏيندا آهيون، جيڪڏهن اسان روزانو فرضن سان گڏ ڪجهه نه ڪجهه نفل عبادات جي به عادت بڻائيندا سين ته اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ عبادت جو وڏيڪ شوق پيدا ٿيندو.

اسان جي بُزرگانِ دين جي باري ۾ اهو به منقول آهي ته اهي روزانو نيڪ عمل ڪرڻ جو هڪ هدف بڻائيندا هئا ۽ پوءِ ان تي عمل جي ڀر پورڪوشش ڪندا هئا ۽ هدف مڪمل ڪرڻ جي بعد به پاڻ کي عبادت ۽ رياضت ۾ ئي مشغول رکندا هئا. جيئن ”حضرت سَيدُنا عامِر بن عبدِ قَيس رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي وقت جي عابدن مان سڀ کان افضل هئا. اُنهن پنهنجو پاڻ تي اها ڳالهه لازم ڪئي هئي جو مان روزانو هڪ هزار نفل پڙهندس. پوءِ اهو اِشراق کان وٺي عصر تائين (ڏينهن جو اڪثر حصّو) نفل ۾ مشغول رهندا هئا پوءِ جڏهن گهر ايندا هئا ته انهن جو پنيون ۽ پير سڄيل هوندا هئا، ائين لڳندو هو هاٿي ڦاٽي ويندا، ايتري عبادت جي باوجود پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي عاجزي جو هي عالم هو جو پنهنجي نفس کي مخاطب ڪري چوندا هئا: ”اي بُرائين تي اُڀارڻ وارا نفس! تُون عبادت جي لاءِ پيدا ڪيو ويو آهين، خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم ! مان ايترا نيڪ عمل ڪندس جو تو کي گهڙي ڪن لاءِ به سڪون ميسر نه ٿيندو ۽ تُون بستر کان بلڪل پري رهندين، مان تو کي هر وَقت مصروفِ عمل رکندس.“

(عيون الحكايات،١/٩٧)

www.dawateislami.net

مِری زِندگی بس تِری بندگی میں
هي اے کاش گُزرے سدا یا اِلٰهي

(وسائلِ بخشش،ص:106)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب        صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## شايد مان مري وڃان!

بعض بزرگانِ دين هر ڏينهن ۽ رات کي پنهنجي زندگي جو آخري سمجهي ان ۾ خوب عبادت ڪندا هئا، جيئن حضرتِ سيدتُنا مُعاذه عَدَوِيّہ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا روزانو صُبح جي وَقت فرمائينديون هيون: ”(شايد) هي اهو ڏينهن آهي جنهن ۾ مون کي مرڻو آهي. پوءِ شام تائين ڪجھ نہ کائينديون هيون پوءِ جڏهن رات ٿيندي تہ چونديون هيون: ”هيءَ اها رات آهي جنهن ۾ مون کي مرڻو آهي.“ پوءِ صُبْح تائين نماز پڙهنديون رهنديون. (جنت میں لے جانے والے اعمال،ص150)

## زندگي جو ڪھڙو ڀروسو!

اڄوڪي زماني ۾ شيخ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علامہ مولانا ابُو بلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه بہ اسلاف جي پيروي ڪرڻ واري عظيم شخصيت آهن. هڪ ڀيري پاڻ دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه سڄي رات مَدَني مشوري جي ڪري سمهي نہ سگهيا. فجر کان پوءِ هڪ اسلامي ڀاءُ عرض ڪيو: ”هاڻي اوهان آرام فرمايو، ڏھ (10) بجي ٻيهر اٿڻو آهي، ان وقت اٿي ڪري اشراق ۽ چاشت ادا ڪجو.“ تہ پاڻ دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جواب ڏنو: ”زندگي جو ڪھڙو ڀروسو؟ سمهي اٿڻ نصيت ٿئي يا نہ.. يا.. ڪھڙي خبر اڄ زندگي جا آخري نفل اَدا ٿي رهيا هجن؟ اهو فرمائڻ کان پوءِ اِشراق وچاشت جا نفل ادا ڪري پوءِ آرام ڪيو. (تعارفِ امیرِ اہلسنت:٦٥)

لازمی ہے ہر صُورت چھوڑنا گناہوں کا
بھائي! موت سے پھلے کاش! تُو سُدھر جاتا

(وسائلِ بخشش،ص:157)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب          صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! شيخِ طريقت،اميرِاھلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُہُمُ الْعَالِيَہ ۽ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول اسان کي اھو ئي مدني ذِھن فراھم ڪري ٿو تہ زندگي جو ڪو ڀروسو ناھي، ان پساھن کي غنيمت سمجھندي نيڪين جي ذريعي پنھنجي آخرت بھتر بڻائي وٺو، پساھن جي اھا لڙي خبر ناھي ڪڏھن اوچتو ٽٽي ڪري وڪري ويندي ۽ خدانخواستہ اسان کي گُناھن کان توبہ جو وَقْت بہ نہ ملي سگھي ۽ اسان جي آخرت برباد ٿي وڃي. تنھنڪري اسان کي بہ پنھنجي آخرت بھتر بڻائڻ جي لاءِ پنھنجن بُزرگن سڳورن جي نقشِ قدم تي ھلندي روزانو ڪجھ نہ ڪجھ نيڪ عمل ڪرڻ جو ھدف بڻائڻ گھرجي تہ جيئن نيڪ عمل جي عادت بڻجي سگھي،ان جو آسان طريقو ھي آھي تہ سنين سنين نيتن سان **مدني انعامات** تي عمل ۽روزانو فڪرِ مدينہ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو پُر ڪيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ مدني انعامات روزانو نيڪيون ڪمائڻ جو اھو عظيم مدني نسخو آھي جو جنھن جي ذريعي صبح صادق کان وٺي رات سمھڻ تائين نيڪيون ڪرڻ جا گھڻا موقعا ملندا آھن، مثال طور صبح نمازِ فجر کان پھريان مسلمانن کي نماز جي لاءِ جڳائڻ يعني صداءِ مدينہ لڳائڻ، بعدِ فجر مدني حلقي ۾ 3 آيتون مع ترجمہ ۽ تفسير تلاوت ڪرڻ يا ٻڌڻ، اشراق ۽ چاشت جا نفل پڙھڻ، پنج ئي نمازون باجماعت پھرين صف ۾ اداڪرڻ، نمازِ پنجگانہ کان پوءِ ۽ سمھڻ وقت گھٽ مان گھٽ ھڪ ھڪ ڀيرو آية الڪرسي، سورة الاخلاص ۽ تسبيحِ فاطمہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْھا پڙھڻ ۽ رات ۾ سورةُ

الملڪ پڙهڻ يا ٻڌڻ، مدني درس (درسِ فيضانِ سُنّت وغيره) ڏيڻ يا ٻڌڻ جي سعادت ماڻڻ، عشاء جي نماز کان پوءِ مدرسة المدينہ (بالغان) ۾ پڙهڻ يا پڙهائڻ. هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۽ مدني مذاڪري ۾ شرڪت، علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت جي علاوه ٻين مدني انعامات تي عمل جي ذريعي ثواب جو وڏو خزانو حاصل ڪري سگهون ٿا.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** شيطان ڪڏهن بہ هي نہ چاهيندو تہ اسان مدني انعامات تي عمل ڪري سڄي ڏينهن ۾ ايتريون وڏيڪ نيڪيون ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيون، اهو هن نيڪ ڪم کان روڪڻ جي لاءِ لکين حيلا ڪندو، طرح طرح جا وسوسا وجهي ورغلائڻ جي ڪوشش ڪندو تہ مان تہ گهڻو مصروف آهيان ايترو وقت ڪٿي جو انهن 72 مدني انعامات تي عمل ڪري سگهان. جيڪڏهن اوهان انهن وسوسن تي توجہ ڏيڻ بغير مدني انعامات تي غور ڪيو تہ شايد حيران رهجي وڃو تہ جن مدني انعامات تي عمل ڪرڻ مُشڪل لڳي رهيو هو ان تي عمل ڪرڻ تہ نهايت ئي آسان آهي، ڇوتہ اسان کي روزانو 72 مدني انعامات تي عمل ناهي ڪرڻو بلڪہ روزانو جن مدني انعامات تي عمل ڪرڻو آهي ان جا ٽي (3) درجا آهن. پهريون ۽ ٻيو درجو 17، 17 ۽ ٽيو درجو صرف 16 مدني انعامات تي مُشتمل آهي.ان جي علاوه 8 مدني انعامات اهڙا آهن جن تي هفتي ۾ صرف هڪ ڀيرو عمل ڪرڻو آهي، 6 مدني انعامات اهڙا آهن جن تي مهيني ۾ صرف هڪ ڀيرو عمل ڪرڻو آهي ۽ 8 مدني انعامات اهڙا آهن جن تي 12مهينن ۾ صرف هڪ ڀيرو عمل ڪرڻو آهي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اوهان کي بخوبي اندازو ٿي ويو هوندو تہ شيطان اسان کي جن مدني انعامات تي عمل ڪرڻ دُشوار محسُوس ڪرائي رهيو هو، ان تي عمل ڪرڻ تہ نهايت ئي آسان آهي. في زمانہ هڪ مسلمان جي لاءِ مدني

انعامات تي عمل ڪيتري قدر ضروري آهي، ان جو اندازو اوهان ڪي ان وقت ئي ٿي سگهندو جڏهن اوهان مدني انعامات جي رسالي جو بغور مُطالعو ڪندا. انهن مدني انعامات ۾ فرض، واجب ۽ سُنَن ۽ مُستحب تي عمل جي ترغيب سان گڏوگڏ اخلاقيات جي حُصول جا مدني گل بہ خوشبو ڦهلائي رهيا آهن تہ ڪٿي گُناهن کان بچڻ ۽ آساني سان نيڪيون ڪرڻ جا طريقا پنهنجون برڪتون لٽائي رهيا آهن، تنهنڪري جيڪڏهن اسان بہ گناهن جي بيمارين کان ڇوٽڪارو ماٽي نيڪين جا حريص بڻجڻ چاهيون ٿا تہ اج کان ئي مدني انعامات تي عمل شروع ڪري ڇڏيو، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ ان جون ڪوڙ ساريون برڪتون اوهان پنهنجي اکين سان ڏسندؤ.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اج جي بيان ۾ اسان حرص جي وصف، ان جا قسم، نيڪين جا حريص اسلافِ ڪرام جا ايمان افروز واقعا ٻڌا.

← ڪنهن شيء سان جيءُ نہ ڀرجڻ ۽ هميشہ زيادتي جي خواهش ڪرڻ کي حرص چوندا آهن.

← اسان جا بُزرگ سڳورا هميشہ نيڪين جي ئي حرص ۾ مبتلا رهندا هئا، ايستائين جو سڪرات جي وقت بہ انهن کي نيڪيون ڪمائڻ جو ئي خيال رهندو هو.

← اسان کي اهڙو حرص اختيار ڪرڻ گهرجي جيڪو آخرت ۾ اسان جي لاءِ فائدي جو سبب بڻجي.

← اسان جي اسلاف کي نيڪيون ڪمائڻ ۾ ڪهڙي ئي مشقت کي منهن

www.dawateislami.net

ڏيٺو پوندو اهي نيڪيون ڪمائڻ جو ڪو بہ موقعو هٿ مان وڃڻ نہ ڏيندا هئا.

الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجن نيڪ ٻانهن جي صدقي ۾ اسان کي بہ نيڪين جو حرص عطا فرمائي. اٰمِین بِجاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مِشْکَاۃُ الْمَصَابِیْح، ج۱ص۵۵حدیث۱۷۵دارالکتب العلمیۃ بیروت)

سینہ تری سُنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## گهر ۾ اچڻ وڃڻ جا ڪجھ مدني گل:

﴿1﴾ جڏهن گهران ٻاهر نڪرو تہ هي دعا پڙهو: ”بِسْمِ اللہِ تَوَکَّلْتُ عَلَی اللہِ لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللہِ“ ترجمو: الله جي نالي سان، مون الله تي ڀروسو ڪيو. الله کان سواءِ نہ (گناهن کان بچڻ جي) قوت آهي ۽ نہ (نيڪيون ڪرڻ جي) طاقت آهي. (ابو داود، ج 4 ص 420 حديث 5095) اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ انهيءَ دعا کي پڙهڻ جي برڪت سان سڌي وات تي رهندو مصيبتن کان حفاظت تيندي ۽ اَللهُ الصَّمَد عَزَّوَجَلَّ جي مدد شاملِ حال رهندي ﴿2﴾ پنهنجي گهر ۾ ايندي ويندي مَحارِم ۽ مَحرمات (مثال طور ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ، ٻارن ٻچن وغيره) کي سلام ڪريو ﴿3﴾ بنا الله (عَزَّوَجَلَّ) جو نالو وٺڻ جي مثال طور بِسْمِ اللہِ چوڻ بنا جيڪو پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيندو آهي، شيطان بہ اُن سان

گڏ داخل ٿي ويندو آهي ﴿4﴾ جيڪڏهن اهڙي گهر (ڪٿي پنهنجي خالي گهر) ۾ وڃڻ ٿئي جو اُن ۾ ڪو به نه هجي ته هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰی عِبَادِ اللهِ الصّٰلِحِيْن (يعني اسان تي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن تي سلام) ملائڪ انهي سلام جو جواب ڏيندا. (ردالمحتار ج 9 ص 682) يا هن ريت چوي: اَلسَّلامُ عَلَيْکَ اَيُّهَاالنَّبِيُّ (يعني يا نبي توهان تي سلام) ڇوته حضور اقدسصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو روح مبارڪ مسلمانن جي گهرن ۾ تشريف فرما هوندو آهي. (بهار شريعت حصو 16 ص 96، شرح الشفاء للقاري ج 2 ص 118)
﴿5﴾ جڏهن ڪنهن جي گهر ۾ داخل ٿيڻ چاهيو ته هيئن چئو: اَلسَّلامُ عَلَيْکُم ڇا مان اندر اچي سگهان ٿو؟ ﴿6﴾ جيڪڏهن داخل ٿيڻ جي اجازت نه ملي ته خوشي سان موٽي وڃو، ٿي سگهي ٿو ڪنهن مجبوري جي ڪري گهر جي مالڪ اجازت نه ڏني هجي ﴿7﴾ جواب ۾ نالو ٻڌائڻ ڪان پوءِ دروازي کان هٽي بيهو ته جيئن دروازو کلندي ئي گهر ۾ نظر نه پوي ﴿8﴾ ڪنهن جي گهر وڃو ته اُتان جي انتظامات تي بي جا تنقيد نه ڪريو ان سان اُن جي دل آزاري ٿي سگهي ٿي ﴿9﴾ واپسيءَ تي گهروارن جي باري ۾ دعا به ڪريو ۽ شڪريو به ادا ڪريو ۽ سلام به ۽ ٿي سگهي ته ڪو سنتن ڀريو رسالو وغيره تحفي ۾ پيش ڪريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

عاشقانِ رسول، آئیں سنّت کے پھول دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعو جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعو ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[2]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[3]

---

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[3]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[4]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[5]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰی لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابهَ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[6]

---

[4] …القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[5] …افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[6] …القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[7]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[8]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ،

سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[7] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[8] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net